

# امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جون ڪرامتون

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

www.dawateislami.net

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ

# امام حسين جون ڪرامتون

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*


www.dawateislami.net

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 3 |
| ولادت باڪرامت | 3 |
| ڳلن مان نور ظاهر ٿيڻ | 4 |
| بي ادب کي گهوڙي ٻاهه ۾ ڪيرائي ڇڏيو | 5 |
| کوهه جو پاڻي وڌي ويو | 5 |
| ڪاري وڇونءَ ڏنگ هنيو | 7 |
| امام جو گستاخ اُڃايل مئو | 7 |
| ڪرامتون حجت پوري ڪرڻ لاءِ هيون | 8 |
| نور جو ٿنڀ ۽ اڇا پکي | 9 |
| خولي بن يزيد جو دردناڪ انجام | 10 |
| نيزي تي سر مبارڪ جي تلاوت | 12 |
| رت سان لکيل شعر | 14 |
| سر مبارڪ جي ڪرامت سان راهب جو اسلام قبول ڪرڻ | 15 |
| دِرهم ۽ دينار ٺِڪريون بڻجي ويا | 15 |
| سر مبارڪ ڪٿي دفن ٿيو؟ | 17 |
| سر مبارڪ واري تربت جي زيارت | 18 |
| سر مبارڪ مان سلام جو جواب | 19 |
| سر مبارڪ جي عجيب برڪت | 20 |
| تڪليف ڏيندڙ جيت | 21 |
| سر مبارڪ جو چمڪڻ | 23 |
| رضاءِ مصطفيٰ ﷺ جو راز | 23 |
| مختلف مَشهدن جي وضاحت | 24 |
| بخشش کان مايوسي جي ڏڪائيندڙ حڪايت | 24 |
| حب جاهه ۽ مال | 30 |
| يزيد جو عبرتناڪ موت | 30 |
| ابنِ زياد جو عبرتناڪ انجام | 32 |
| ابنِ زياد جي نڪ ۾ نانگ | 32 |
| سچ آهي ته بري ڪم جو انجام برو آهي | 33 |
| مختار نبوت جي دعويٰ ڪري ڇڏي | 34 |
| الله جي خفيه تدبير کان ڊڄڻ گهرجي | 36 |
| عاشورا جا فضائل | 38 |
| عاشوري جون 25 خصوصيتون | 38 |
| عاشوري جي روزن جا 5 فضائل | 39 |
| عاشوري جو روزو | 40 |
| يهودين جي مخالفت ڪريو | 40 |
| سچو سال اکيون نه ڏکڻ نه بيمار ٿيو | 40 |


## نيڪي جي ترغيب ڏيڻ جو فائدو

سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”نيڪي جي راهه ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 305 حديث)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ”يا الله! امام حسين جو عشق ڏي“ جي ايڪيهه اکرن جي نسبت سان هن رسالي کي پڙهڻ جون 21 نيتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ يعني مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“

(المعجم الکبير للطبراني، الحديث 5942 ج 6 ص 185)

**ٻه مدني گل:**

(1) بنا سٺي نيّت جي ڪنهن به سٺي عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

﴿1﴾ هر ڀيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تَعوُّذ ۽ ﴿4﴾ تَسمِيّه سان شروعات ڪندس (هن ئي صفحي جي مٿان ڏنل ٻه عربي عبارتون پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن رسالي جو اول کان آخر تائين مطالعو ڪندس ﴿6﴾ وس آهر ان جو باوُضُو ۽ ﴿7﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿8﴾ قرآني آيتن ۽ ﴿9﴾ احاديثِ مبارڪ جي زيارت ڪندس ﴿10﴾ جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿11﴾ جتي جتي ”سرڪارِ مدينہ“ جو مبارڪ نالو ايندو اتي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿12﴾ هن روايت ”عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنَزَّلُ الرَّحْمَةُ“ يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي.“ (حلية الاولياء ج 7 ص 335 حديث 10750) تي عمل ڪندي هن رسالي ۾ ڏنل امامِ عالي مقام ۽ بزرگانِ دين عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا

www.dawateislami.net

واقعا ٻين کي ٻُڌائي نيڪ ماڻهن جي تذڪري جون برڪتون حاصل ڪندس ﴿13﴾ (پنهنجي ذاتي نسخي تي) ضرورت وقت خاص خاص جڳهن تي اندر لائين ڪندس ﴿14﴾ ٻين کي هي رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس ﴿15﴾ هن حديثِ پاڪ "تَهَادَوْا تَحَابُّوْا" يعني هڪٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي. (مؤطا امام مالڪ ج 2 ص 407، حديث 1731) تي عمل جي نيّت سان (10 محرم الحرام جي نسبت سان گهٽ ۾ گهٽ 10 عدد يا توفيق مطابق) هي رسالا خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس ﴿16﴾ هن رسالي جي مطالعي جو ثواب سڄي امت کي ايصال ڪندس ﴿17﴾ رسالي وغيره ۾ شرعي غلطي ملي ته ڇاپيندڙ کي تحريري طور تي آگاهه ڪندس (مصنف يا ڇاپيندڙن وغيره کي صرف زباني غلطيون ٻُڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو) ﴿18﴾ موقعي جي مناسبت سان هن رسالي مان درس ڏيندس ﴿19﴾ هر سال محرم الحرام ۾ هي رسالو پڙهندس ﴿20﴾ جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي ان لاءِ هن آيت شريف فَسۡـَٔلُوۡۤا اَهۡلَ الذِّكۡرِ اِنۡ كُنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ۝ **ترجموڪنزالايمان:** پوءِ علم وارن کان پُڇي ڏسو جيڪڏهن توهان کي علم نه آهي." (سيپارو 14 النحل 43) تي عمل ڪندي عالمن کان پڇا ڪندس ﴿21﴾ جيڪا ڳالهه سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي ان کي هرهر پڙهندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جون ڪرامتون

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو ثواب جي نيت سان مڪمل پڙهي وٺو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جو سينو اهلبيت جي محبت جو مدينو بڻجي ويندو.

## درود شريف جي فضيلت

بيچين دلين جي چين، رحمتِ دارين، تاجدارِ حَرَمَين، سروَرِ ڪونين، ناناءِ حَسنَين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي تہ الله تعاليٰ فرشتن کي موڪليندو آهي، جن وٽ چانديءَ جا ورق ۽ سون جا قلم هوندا آهن اهي لکندا آهن، ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهي ٿو. (ڪنزالعمال ج 1 ص 250 حديث 2174)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ولادت باڪرامت

راڪبِ دوشِ مصطفيٰ (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)، جگر گوشہءِ مُرتَضيٰ، دلبندِ فاطمه، سلطانِ ڪربلا، سيّدُ الشُّهداء، امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام، امامِ هُمام، امامِ تِشنہ ڪام، حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سراپا ڪرامت هئا، ايتري تائين جو سندن ولادت باسعادت بہ باڪرامت آهي. حضرت سيّدي عارف بالله نُورُ الدّين عبدالرحمٰن

جامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِی ”شَواهِدُ النُّبُوَّة“ ۾ لکن ٿا: حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ولادتِ باسعادت پنج (5) شَعۡبانُ الۡمُعَظَّم سن 4 هجري، اڱاري جي ڏينهن مديني شريف زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّتَعۡظِیۡمًا ۾ ٿي. منقول آهي ته امامِ پاڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مدّتِ حمل ڇهه مهينا آهي. حضرت سيدُنا يحيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان سواءِ کو اهڙو ٻار زنده نه رهيو جنهن جي مدتِ حمل ڇهه مهينا ٿي هجي. وَاللّٰہُ تَعَالٰی اَعۡلَمُ وَرَسُوۡلُہٗ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(شواهد النبوة ص 228، مڪتبة الحقيقة ترڪي)

مرحبا سرور عالم کے پسر آئے ہیں — سیدہ فاطمہ کے لخت جگر آئے ہیں
واہ قسمت کہ چراغ حرمین آئے ہیں — اے مسلمانو مبارک کہ حسین آئے ہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڳلن مان نور ظاهر ٿيڻ

حضرت علامه جامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِی وڌيڪ لکن ٿا: حضرت امامِ عالي مقام سيّدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو شان هي هو جو جڏهن اونداهيءَ ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مبارڪ پيشاني ۽ ٻنهي مقدس ڳلن مان نور جا شعاع نڪرندا هئا ۽ آس پاس روشني ٿي ويندي هئي. (شواهد النبوة ص 228، مڪتبة الحقيقة ترڪي)

تیری نسل پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا
تو ہے عین نور تیرا سب گھرانہ نور کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

# کوهہ جو پاڻيءَ وڌي ويو

حضرت سيّدُنا امامِ عالي مقام امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن مديني شريف کان مڪي پاڪ زَادَهُمَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا ڏانهن روانا ٿيا تہ رستي ۾ حضرت سيّدُنا ابنِ مُطِيع عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَدِيْع سان ملاقات ٿي. انهن عرض ڪيو: منهنجي کوهہ ۾ پاڻي تمام گهٽ آهي، ڪرم فرمايو! برڪت جي دعا سان نوازيو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان کوهہ جو پاڻي طلب فرمايو. جڏهن پاڻيءَ جو ڏول حاضر ڪيو ويو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ منهن لڳائي ان مان پاڻي نوش فرمايو ۽ گرڙي ڪئي. پوءِ ڏول کي واپس کوهہ ۾ وِڌو ويو تہ کوهہ جو پاڻي ڪافي وڌي بہ ويو ۽ اڳ کان وڌيڪ مٺو ۽ مزيدار بہ ٿي ويو.

(الطبقاتُ الکُبريٰ ج 5 ص 110 دارالکتب العلمية بيروت)

*باغ جنت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اہلبیت*
*تم کو مژدہ نار کا اے دشمنانِ اہلبیت*

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# بي ادب کي گهوڙي باهہ ۾ ڪيرائي ڇڏيو

امامِ عالي مقام، امامِ عرشِ مقام، امامِ هُمام، امامِ تِشنہ ڪام، حضرت سيّدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عاشورا جي ڏينهن يعني جمعة المبارڪ جي ڏينهن 10 محرم الحرام سن 61هہ جو يزيدين تي حُجت پوري ڪرڻ جي لاءِ جنهن وقت ڪربلا جي ميدان ۾ خطبو ارشاد فرمائي رهيا هئا ان وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مظلوم قافلي جي خيمن جي حفاظت جي لاءِ کڏ ۾ ٻاريل باهہ جي طرف ڏسي هڪ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

بدزبان يزيدي (مالڪ بن عُروه) هن طرح بڪواس ڪرڻ لڳو: ”اي حسين! تون اتان جي باهہ کان اڳ هتي باهہ لڳائي چڏي!“ حضرت سيّدُنا امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: كَذَبْتَ يَا عَدُوَّ اللّٰه يعني ”اي خدا جا دشمن! تون ڪوڙو آهين، ڇا توکي هي گمان آهي تہ معاذاللّٰه مان دوزخ ۾ ويندس!“ امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي قافلي جي هڪ جان نثار جوان حضرت سيّدُنا مسلم بن عوسجہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن حضرت امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان ان بد زبان بي ادب جي منهن تي تير هڻڻ جي اجازت گهري. حضرت امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اهو فرمائي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيائون تہ اسان جي طرفان حملي جي شروعات نہ ٿيڻ گهرجي، پوءِ امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هٿ مٿي ڪٽي عرض ڪيائون: ”اي ربّ قهار عَزَّوَجَلَّ! هن ڪميٽي کي جهنّم جي باهہ واري عذاب کان اڳ هن ناپائيدار دنيا ۾ بہ باهہ جي عذاب ۾ مبتلا فرماءِ.“ فورًا دعا مستجاب (يعني قبول) ٿي ۽ ان جي گهوڙي جو پير زمين ۾ ڪنهن سوراخ ۾ پيو جنهن سان گهوڙي کي ٿاٻو آيو ۽ بي ادب گستاخ يزيدي گهوڙي تان ڪريو، ان جو پير رَڪاب ۾ اٽڪي پيو، گهوڙو ان کي گهليندي ڀڳو ۽ پوءِ باهہ جي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيائين ۽ بد نصيب باهہ ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو. امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ شڪراني جو سجدو ادا ڪيو، **اللّٰه** تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا بيان ڪئي ۽ عرض ڪيائون: ”يا **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تنهنجو شڪر آهي جو تو آلِ رسول جي گستاخ کي سزا ڏني.“

(سوانح ڪربلا ص 88)

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

اہلبیتِ پاک سے بے باکیاں گستاخیاں
لعنۃُ اللہِ علیکم دشمنانِ اہلبیت

# ڪاري وڇونءَ ڏنگ هنيو

**گستاخ** ءُ بدزبان يزيدي جو هٿوهٿ ڀيانڪ انجام ڏسي ٻه عبرت حاصل ڪرڻ جي بدران ان ڪي هڪ اتفاقي ڳالهه سمجهندي هڪ ٻئي بي حيا يزيدي بڪواس ڪئي: ”توهان ڪي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڪهڙي نسبت؟ اهو ٻُڌي امامِ عاليمقام جي دل کي گهڻو رنج پهتو ءُ بي چين ٿي دعا گهريائون: ”اي ربّ جبّار عَزَّوَجَلَّ هن بدگُفتار کي پنهنجي عذاب ۾ گرفتار فرماءِ.“ هڪدم دعا جو اثر ظاهر ٿيو، ان بڪواس ڪندڙ کي هڪدم قضاءِ حاجت جي ضرورت محسوس ٿي، جلدي گهوڙي تان لهي هڪ پاسي وڃي ڀڳو ءُ اگهاڙو ٿي وينو، اوچتو هڪ ڪاري وڇونءَ ڏنگ هنيس ته گندگيءَ ۾ تڙپندو رهيو، ائين نهايت ئي ذلت سان پنهنجي لشڪر جي سامهون ان بد زبان جو ساهه نڪتو، پر انهن سنگ دلن ءُ بي شرمن کي عبرت نه ٿي، هن واقعي کي به انهن ماڻهن اتفاقي ڳالهه سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو. (ايضًا ص 89)

علی کے پیارے خاتونِ قیامت کے جگر پارے
زمین سے آسمان تک دھوم ہے ان کی سیادت کی

# امام جو گستاخ اُڃايل مئو

يزيدي فوج جو هڪ سخت دل مُزني شخص امامِ عالي مقام

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سامهون اچي هيئن بڪڻ لڳو: ”ڏسو تہ سهي فُرات جو درياءُ ڪيئن ڇوليون هڻي رهيو آهي، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! توهان کي هن مان هڪ ڦُڙو بہ نہ ملندو ۽ توهان ائين ئي اُڃايل مري ويندؤ.“ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اَللّٰھُمَّ اَمِتْہُ عَطْشَانًا يعني ”يا الله عَزَّوَجَلَّ هن کي اُڃارو مار.“ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دعا گهرندي ئي ان بي حياء مُزني جو گهوڙو ٿهي، ونئي پيو، مُزني پڪڙڻ جي لاءِ ان جي پويان پيو، اچي اُڃ ورايس، ايتري شدت جي اُڃ لڳس جو اَلْعَطَشْ اَلْعَطَشْ يعني هاءِ اڃ! هاءِ اڃ! پڪاري پيو پر جڏهن پاڻي هن جي وات جي ويجهو ڪندا هئا تہ هڪ ڦڙو بہ پي نہ سگهندو هو ايتري تائين جو اهو انهيءَ اڃ جي شدت ۾ تڙپي تڙپي مري ويو. (سوانح ڪربلا ص 90)

ہاں مجھ کو رکھو یاد میں حیدر کا پسر ہوں اور باغِ نبوت کے شجر کا میں ثمر ہوں
میں دیدہء ہمت کیلئے نورِ نظر ہوں پیاسا ہوں مگر ساقیءِ کوثر کا پسر ہوں

## ڪرامتون حجت پوري ڪرڻ لاءِ هيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! امامِ عالي مقام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو شان مبارڪ ڪيتري قدر عظمت وارو آهي. معلوم ٿيو تہ خدا تعاليٰ کي امامِ پاڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي بي ادبي قطعي نا منظور آهي ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو گستاخ ٻنهي جهانن ۾ مردود ۽ تذليل آهي. امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي گستاخن کي دنيا ۾ بہ درد ناڪ سزائن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ان ۾ يقينًا وڏي عبرت آهي. صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْھَادِی ڪجهہ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

گستاخانِ حسين جي هٿوهٿ ٿيڻ واري عبرتناڪ بري انجام جا واقعا نقل ڪرڻ کان پوءِ تحرير فرمائن ٿا: فرزندِ رسول کي اها ڳالهہ بہ ڏيکارڻي هئي تہ انهن جي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ مقبوليت تي ۽ سندن قرب ۽ منزلت تي جيئن بيشمار نُصُوصِ ڪثيره (يعني قرآني آيتون) ۽ مشهور حديثون شاهد آهن، ائين ئي سندن ڪرامتون بہ گواهہ آهن. پنهنجي ان فضل جو عملي اظهار بہ حجت پوري ڪرڻ جي سلسلي جو هڪ حصو هو جو جيڪڏهن توهان اک رکو ٿا تہ ڏسي ڇڏيو تہ جيڪو اهڙو مُسۡتَجَابُ الدَّعوات (يعني جنهن جي دعا قبول ٿيندي هجي) آهي، ان جي مقابلي ۾ اچڻ خدا (عَزَّوَجَلَّ) سان جنگ ڪرڻ آهي. ان جو انجام سوچي وٺو ۽ پري رهو پر شرارت جا مُجَسَّما ان کان بہ سبق حاصل نہ ڪري سگهيا ۽ ناپائيدار دنيا جي حِرص جو ڀوت جيڪو انهن جي مٿن تي سُوار هو ان هنن کي انڌو بڻائي ڇڏيو. (سوانح ڪربلا ص 90)

## نور جو ٿنڀ ۽ اچا پکي

امام عالي مقام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شهادت کان پوءِ سندن سر مبارڪ مان ڪيترين ئي ڪرامتون ظاهر ٿيون. اهلِ بيت عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي قافلي جا باقي ڀاتي 11 مُحَرَّمُ الۡحرام جو ڪوفي پهتا جڏهن تہ شُهَداءِ ڪربلا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا مبارڪ سر انهن کان اڳ ئي اتي پهچي چُڪا هئا. امامِ عالي مقام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو سر مبارڪ بدنامِ زمانہ يزيدي بدبخت "خَولي بن يزيد" وٽ هو، اهو مردود رات جي وقت ڪوفي پهتو. قصرِ اِمارت (يعني گورنر هائوس) جو دروازو بند ٿي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڇُڪو هو، اهو سر مبارڪ ڪٽي پنهنجي گهر آيو. ظالم سر مبارڪ کي بي ادبيءَ سان زمين تي رکي هڪ وڏو ٿانءُ ان جي مٿان وجهي ان کي ڍڪي ڇڏيو ۽ پنهنجي زال ”نوار“ کي چوڻ لڳو: مان تنهنجي لاءِ سڄي زماني جي دولت آندي آهي، هو ڏِس حُسين بن علي (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جو سر تنهنجي گهر ۾ پيو آهي. هوءَ ڪاوڙ وچان چوڻ لڳي: توتي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي مار پوي! ماڻهو ته سون چاندي آڻيندا آهن ۽ تون فرزندِ رسول جو سر مبارڪ آندو آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هاڻي مان توسان گڏ ڪڏهن به نه رهنديس.“ ”نوار“ اهو چئي پنهنجي بستري تان اٿي ۽ جتي سر مبارڪ تشريف فرما هو، اتي اچي ويهي رهي. ان جو بيان آهي: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون ڏٺو ته هڪ نور لڳاتار آسمان کان ان ٿانوَ تائين ٿنڀي وانگر چمڪي رهيو هو ۽ اڇا پکي ان جي چوڌاري لامارا ڏئي رهيا هئا. جڏهن صبح ٿيو ته خَولي بن يزيد سر مبارڪ کي بدبخت ابنِ زياد وٽ ڪٽي ويو.

(الڪامل في التاريخ ج 3 ص 434)

بہاروں پر ہیں آج آرائشیں گلزارِ جنت کی
سواری آنیوالی ہے شہیدانِ محبت کی

# خولي بن يزيد جو درد ناڪ انجام

دنيا جي مَحَبَّت ۽ مال و دولت جي هَوَس انسان کي انڌو ۽ انجام کان بي خبر ڪري ڇڏيندي آهي. بدبخت خَولي بن يزيد دنيا جي مَحَبَّت جي ئي ڪري مظلومِ ڪربلا جو سر مبارڪ جسم کان جُدا ڪيو هو، پر ڪجهه ئي سالن کان پوءِ هن دنيا ۾ ئي ان جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

اهڙو خوفناڪ انجام ٿيو جو هنيانءُ ڏڪي ويندو آهي، ڪجهه ئي سالن کان پوءِ مختار ثقفي امامِ حُسين جي قاتلن جي خلاف جيڪا انتقامي ڪارروائي ڪئي، ان سلسلي ۾ صَدرُالافاضِل حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي فرمائن ٿا: مُختار حڪم ڏنو ته ڪربلا ۾ جيڪو شخص (يزيد جي لشڪر جي سپهه سالار) عَمرو بن سَعد سان گڏ هو اهو جتي ملي ماريو وڃي. اهو حڪم ٻُڌي ڪوفي جا اهي ظالم سورهيه بصره (شهر) ڏانهن ڀَڄڻ شروع ٿي ويا، مُختار جي لشڪر انهن جو پيڇو ڪيو، جنهن کي جتي ڏٺائون ختم ڪري ڇڏيائون، لاش ساڙي ڇڏيائون، گهر ڦريائون. "خَولي بن يزيد" اهو خبيث آهي جنهن حضرت امامِ عالي مقام، سيّدُنا امامِ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو سر مبارڪ جسمِ اقدس کان جُدا ڪيو هو. ان بدبخت کي به گرفتار ڪري مُختار وٽ آندو ويو، مختار پهريان ان جا چار ئي هٿ پير ڪٽرائي پوءِ ڦاهيءَ تي چاڙهيو ۽ پوءِ باهه ۾ وجهرائي ڇڏيو. اهڙي طرح ابنِ سعد جي لشڪر جي سيني شريرن کي مختلف عذابن سان ماري ڇڏيائين. ڇهه هزار ڪوفي جيڪي حضرت امامِ عالي مقام، سيّدُنا امامِ حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قتل ۾ شريڪ هئا، انهن کي مُختار مختلف عذاب ڏئي ماري ڇڏيو. (سوانح ڪربلا ص 122)

اے تشنگانِ خونِ جوانانِ اہلبیت — دیکھا کہ تم کو ظلم کی کیسی سزا ملی
کُتّوں کی طرح لاشے تمہارے سڑا کیے — گھورے پہ بھی نہ گور کو تمہاری جا ملی
رُسوائے خلق ہوگئے برباد ہوگئے — مردودو! تم کو ذلتِ ہر دَوسرا ملی

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

تم نے اجاڑاحضرتِ زَہرا کا بوستان ۔۔۔ تم خود اجڑ گئے تمہیں یہ بد دعا ملی
دُنیا پرستو! دین سے منہ موڑکر تمہیں ۔۔۔ دنیا ملی نہ عیش و طرب کی ہوا ملی
آخر دکھایا رنگ شہیدوں کے خون نے ۔۔۔ سرکٹ گئے اَمان نہ تمہیں اِک ذرا مِلی
پائی ہے کیا نعیم انھوں نے ابھی سزا
دیکھیں گے وہ جحیم میں جس دن سزا مِلی

# نيزي تي سر مبارڪ جي تلاوت

حضرتِ سيّدُنا زيد بن اَرقم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو بيان آهي تہ جڏهن يزيدين حضرت امامِ عالي مقام، سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سر مبارڪ کي نيزي تي چاڙهي ڪري ڪوفي جي گهٽين ۾ گشت ڪيو، ان وقت مان پنهنجي گهر جي ڇت تي هئس. جڏهن سر مبارڪ منهنجي سامهون کان گذريو تہ مون ٻُڌو تہ سر مبارڪ (پندرهين سيپاري سورة الڪهف جي آيت نمبر 9) تلاوت فرمائي:

اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَ الرَّقِيۡمِ ۙ كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ (پ 15 الڪهف 9)

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا توکي خبر آهي غار ۽ جهنگ جي ڪناري وارا، اسان جي هڪ عجيب نشاني هئا.

(شواهد النبوة ص 231)

اهڙي طرح هڪ ٻئي بزرگ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايو تہ جڏهن يزيدين سر مبارڪ کي نيزي تان لاهي بدبخت ابنِ زياد جي محل ۾ داخل ڪيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا مقدس چَپَ حرڪت ڪري رهيا هئا ۽ زبان مبارڪ تي تيرهين سيپاري سورهءِ ابراهيم جي آيت نمبر 42 جي تلاوت جاري هئي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ؕ (پ۱۳ ابراهيم ۴۲)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله کي هرگز بي خبر گمان نہ ڪر ظالمن جي ڪم کان.

(روضة الشهداءِ مترجم ج 2 ص 385)

عبادت ہو تو ایسی ہو تلاوت ہو تو ایسی ہو

سرِ شبیر تو نیزے پہ بھی قرآن سناتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِنهال بن عَمرو چون ٿا: والله عَزَّوَجَلَّ مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ جڏهن امامِ حُسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سر مبارڪ کي ماڻهو نيزي تي کنيون پئي ويا تہ ان وقت مان ”دمشق“ ۾ هئس. سر مبارڪ جي سامهون هڪ شخص سورةُ الڪهف پڙهي رهيو هو، جڏهن هو آيت نمبر 15 تي پهتو:

اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَ الرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** غار ۽ جهنگ جي ڪناري وارا اسان جي هڪ عجيب نشاني هئا.

ان وقت الله تعاليٰ ڳالهائڻ جي قُوّت بخشي تہ سر مبارڪ فصيح زبان ۾ فرمايو: ”اَعْجَبُ مِنْ اَصْحَابِ الْكَهْفِ قَتْلِيْ وَحَمْلِيْ اصحابِ ڪَهفَ جي واقعي کان منهنجو قتل ۽ منهنجي سر کي کڻي ڦرڻ وڌيڪ عجيب آهي.“ (شرح الصدور ص 212)

سرِ شہیدانِ محبت کے ہیں نیزوں پر بلند

اور اونچی کی خدا نے عزوشانِ اہلبیت

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صدرُالاَفاضل حضرت علامه مولانا سيّد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي پنهنجي ڪتاب "**سوانح ڪربلا**" ۾ هيءَ حڪايت نقل ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: درحقيقت ڳالهه اها ئي آهي جو اصحابِ ڪهف تي ڪافرن ظلم ڪيو هو ۽ حضرتِ امام عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي سندن نانا جان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت مهمان بڻائي گهرايو، پوءِ بيوفائيءَ سان پاڻي به بند ڪري ڇڏيو! آل ۽ اَصحاب عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪي امامِ پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سامهون شهيد ڪيو. پوءِ خود حضرتِ امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي شهيد ڪيو، اهلبيتِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪي اسير (يعني قيدي) بڻايو، سر مبارڪ ڪي شهر شهر ۾ ڦيرايو. اصحابِ ڪهف ڪافي سالن جي ڊگهي ننڊ کان پوءِ ڳالهايو اهو ضرور عجيب آهي پر سر مبارڪ جو جسم مبارڪ کان جُدا ٿيڻ کان پوءِ ڳالهائڻ وڌيڪ عجيب آهي. (سوانح ڪربلا ص 118)

## رت سان لکيل شعر

يزيدِ پليد جا ناپاڪ سپاهي شهداءِ ڪربلا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي مبارڪ سرن ڪي ڪٽي وجي رهيا هئا، ان دؤران هڪ منزل تي ترسيا، حضرت سيّدُنا شاهه عبدالعزيز مُحَدّث دِهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي لکن ٿا: اهي نَبِيّذ يعني ڪارڪ جي چاش پيئڻ لڳا، هڪ ٻي روايت ۾ آهي: وَهُمْ يَشْرَبُوْنَ الْخَمْرَ يعني اهي شراب پيئڻ لڳا. ايتري ۾ هڪ لوهه جو قلم ظاهر ٿيو ۽ ان رت سان هي شعر لکيو:

اَ تَرْجُوْ اُمَّةٌ قَتَلَتْ حُسَيْنًا    شَفَاعَةَ جَدِّهٖ يَوْمَ الْحِسَابِ

(يعني ڇا حُسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا قاتل اها به اميد رکن ٿا ته قيامت

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

جي ڏينهن سندن نانا جان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت ماڻيندا؟)

ڪجهہ روايتن ۾ آهي تہ حضور سروَرِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت شريفہ (يعني آمد مبارڪ) کان ٽي سؤ سال اڳ هي شعر هڪ پٿر تي لکيل مليو. (الصواعِقُ الْمُحَرقة ص 194)

## سر مبارڪ جي ڪرامت سان راهب جو اسلام قبول ڪرڻ

هڪ عيسائي راهب گِرجا گهر مان سر مبارڪ کي ڏٺو تہ ان جي باري ۾ پُڇيائين، (انهن) جڏهن ان کي ٻُڌايو ويو تہ چوڻ لڳو: "توهان خراب ماڻهو آهيو ڇا ڏهہ هزار اشرفيون وٺي ان تي راضي ٿي سگهو ٿا تہ هڪ رات هي سر مون وٽ رهي." انهن لالچين قبول ڪري ورتو، راهِب سر مبارڪ ڌوتو، خوشبو لڳايائين، سڄي رات پنهنجي ران تي رکيائين ۽ هڪ نور بلند ٿيندي ڏٺو، راهِب اها رات روئي گذاري، صبح جو اسلام قبول ڪيائين ۽ گِرجا گهر، ان جو مال ۽ متاع ڇڏي پنهنجي زندگي اهلِ بيت عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي خدمت ۾ گذاري ڇڏيائين. (الصواعق المحرقة ص 199)

دولتِ دیدار پائی پاک جانیں بیچ کر
کربلا میں خوب ہی چمکی دُکانِ اہلِ بیت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دِرهَم ۽ دينار ٺِڪريون بڻجي ويا

يزيدين امامِ عالي مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي لشڪر ۽ سندن خيمن

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

مان جيڪي درهم ۽ دينار ڦُريا هئا ۽ جيڪي راهِب کان ورتا هئا، انهن کي ورهائڻ جي لاءِ جڏهن ٿيلهين جا منهن کوليائون تہ ڇا ڏٺائون تہ اهي سڀ درهم ۽ دينار ٺِڪريون بڻجي ويا هئا. ۽ انهن جي هڪ طرف تيرهين سيپاري سورهءِ **ابراهيم** جي آيت (نمبر 42)

وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۬ؕ (پ۱۳ابراهيم ۴۲)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله کي هرگز بي خبر گمان نہ ڪر ظالمن جي ڪم کان.

۽ ٻئي پاسي اٺويهين سيپاري سورةُ **الشُّعَراء** جي آيت (نمبر 227) لکيل هئي:

وَ سَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَیَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ﴿۲۲۷﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اجهو ظالمن کي خبر پوندي تہ ڪهڙي پاسي تي پلٽو ڪائيندا.

(ايضًا ص 199)

تم نے اُجاڑا حضرتِ زہرا کا بوستان — تم خود اُجڑ گئے تمہیں یہ بددعا ملی
رُسوائے خَلق ہوگئے برباد ہوگئے — مَردودو! تم کو ذلتِ ہردوسرا ملی

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهو قدرت طرفان هڪ عبرت جو درس هيو تہ بدبختو! توهان هن فاني دنيا جي خاطر دين کان منهن موڙيو ۽ آلِ رسول تي ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪيرايا. ياد رکو! دين کان توهان سخت لاپرواهي اختيار ڪئي ۽ جنهن فاني ۽ بيوفا دنيا کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ائين ڪيو، اها بہ توهان جي هٿ نہ ايندي ۽ توهان خَسِرَالدُّنيَا وَالاٰخِرَة (يعني دنيا ۾ بہ نقصان ۽ آخرت ۾ بہ نقصان حاصل ڪرڻ) وارن مان ٿي ويؤ.

دنیا پرستو دین سے منہ موڑ کر تمہیں
دنیا ملی نہ عیش و طرب کی ہوا ملی

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

تاريخ شاهد آهي تہ مسلمانن جڏهن بہ عملي طور تي دين جي مُقابلي ۾ هن فاني دنيا کي ترجيح ڏني تہ هن بيوفا دنيا کان بہ هٿ ڌوئي ويٺا ۽ جن هن فاني دنيا کي ڇڏي ڏنو ۽ قرآن و سنّت جي احڪامن تي مضبوطيءَ سان قائم رهيا ۽ دين ۽ ايمان کان منهن نہ موڙيائون بلڪ پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان هي ثابت ڪيائون تہ،

سر کٹے، کنبہ مرے سب کچھ لٹے
دامنِ احمد نہ ہاتھوں سے چھٹے

تہ دنيا هٿ ٻڌي ڪري انهن جي پُٺيان پُٺيان لڳي پئي ۽ اهي ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب ٿيا. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا

وہ کہ اِس در کا ہوا خلقِ خدا اس کی ہوئی
وہ کہ اِس در سے پھرا اللہ اُس سے پھر گیا

## سر مبارڪ ڪٿي دفن ٿيو؟

امامِ عالي مقام، حضرتِ سيّدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سر مبارڪ جي مدفن (يعني دفن ٿيڻ واري جڳهہ) جي باري ۾ اختلاف آهي. علامہ قُرطُبي ۽ حضرتِ سيّدُنا شاهہ عبدالعزيز مُحَدّث دِهلوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا تہ يزيد ڪربلا جي قيدين ۽ سر مبارڪ کي مدينهءِ مُنوَّره زَادَہَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّتَعْظِیْمًا ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو ۽ مدينهءِ مُنوَّره زَادَہَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّ تَعْظِیْمًا ۾ سر مبارڪ کي ڪفن ڏيڻ کان پوءِ جنّتُ الْبقيع شريف ۾ حضرتِ سيّدَتُنا فاطمه زهراء يا حضرت سيّدُنا امام حسن مُجتَبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي پير ۾ دفن ڪيو ويو. ڪي چون ٿا تہ ڪربلا

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

جي قيدين چاليهہ ڏينهن ڪان پوءِ ڪربلا ۾ اچي سر مبارڪ کي جسم مبارڪ سان ملائي دفن ڪيو، ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ يزيد حڪم ڏنو هو تہ ”امامِ حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سر مبارڪ کي شهرن ۾ ڦيرايو.“ ڦيرائڻ وارا جڏهن عسقلان پهتا تہ اتان جي ماڻهن انهن ڪان ونئي دفن ڪري ڇڏيو. جڏهن عَسقَلان تي يورپين جو قبضو ٿيو تہ طلائع بن رزّيڪ جنهن کي صالح چوندا آهن ٽيهہ هزار دينار ڏئي يورپين ڪان سر مبارڪ وٺڻ جي اجازت حاصل ڪئي ۽ فوج ۽ خادمن سان گڏ پيرين اگهاڙين اتان ڪان 8 جمادي الآخر سن 548 هہ آچر جي ڏينهن مصر آندائين. ان وقت بہ سر مبارڪ جو رت تازو هو ۽ ان مان مشڪ جي خوشبوءِ اچي رهي هئي پوءِ ان سبز ريشم جي ٿيلهي ۾ آبنوسي ڪرسيءَ تي رکي ان جي هم وزن مُشڪ ۽ عَنبر ۽ خوشبوءِ ان جي هيٺان ۽ چؤڌاري رکرائي ان تي مشهدِ حسيني نهرايو ويو **خان خُليلي** جي ويجهو مشهدِ حسيني مشهور آهي. (شامِ ڪربلا ص 246)

ڪس شقی کی ہے حکومت ہائے کیا اندھیر ہے
دن دہاڑے لُٹ رہا ہے کاروانِ اہلبیت

# سر مبارڪ واري تربت جي زيارت

حضرتِ سيّدُنا شيخ عبدالفَتّاح بن ابي بڪر بن احمد شافِعي خلوتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي رسالي ”نورُالعَين“ ۾ نقل فرمائن ٿا: شيخُ الاسلام شمسُ الدّين لقاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبانی جيڪي پنهنجي وقت جا شيخ الشُّيوخ مالِڪيہ هئا، هميشہ مَشهَد مبارڪ ۾ سر مبارڪ جي

www.dawateislami.net

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

زيارت لاءِ حاضر ٿيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ حضرتِ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو سر مبارڪ هن ئي جڳهہ تي آهي. حضرت سيّدُنا شيخ شهابُ الدّين حَنفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون مشهدِ حسيني جي زيارت ڪئي پر مون کي شڪ ٿي رهيو هو تہ سر مبارڪ هن جاءِ تي آهي يا نہ؟ اوچتو مون کي ننڊ اچي وئي، مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ شخص نَقيب (يعني اعلان ڪرڻ وارو) سر مبارڪ وٽان نڪتو ۽ حضور پُرنُور شافع يومُ النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُجري مبارڪ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: "يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم احمد بن حَلبي ۽ عبدالوهاب توهان جي شهزادي امامِ حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سر مبارڪ جي مدفن (يعني دفن ٿيڻ واري جاءِ) جي زيارت ڪئي آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنْهُمَا وَاغْفِرْ لَهُمَا اي الله هنن ٻنهي جي زيارت کي قبول فرماءِ ۽ ٻنهي کي بخشي ڇڏ." حضرتِ سيّدُنا شيخ شهابُ الدّين حَنفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ان ڏينهن کان مون کي يقين ٿي ويو تہ حضرتِ امامِ عالي مقام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو سر مبارڪ هتي ئي تشريف فرما آهي پوءِ مون مرڻ تائين سر مبارڪ جي زيارت نہ ڇڏي. (شامِ ڪربلا ص 247)

ان کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیان
آیۂ تطہیر سے ظاہر ہے شانِ اہلبیت

## سر مبارڪ مان سلام جو جواب

حضرتِ سيّدُنا شيخ خليل ابي الْحسن تمارسي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سر مبارڪ جي زيارت جي لاءِ جڏهن مشهد مبارڪ وٽ حاضر ٿيندا هئا

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

تہ عرض ڪندا هئا: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اِبْنَ رَسُوْلِ اللهِ ۽ فورًا جواب ٻُڌندا هئا: وَعَلَيْكَ السَّلَامُ يَا اَبَا الْحَسَن. هڪ ڏينهن سلام جو جواب نہ مليو، حيران ٿيا ۽ زيارت ڪري واپس موٽي آيا، ٻئي ڏينهن وري حاضر ٿي سلام ڪيائون تہ جواب مليو. عرض ڪيائون: يا سيّدي! ڪالهہ جواب ڪان مشرف نہ ٿيس، ڇا سبب هو؟ فرمايائون: اي ابوالحسن! ڪالهہ هن وقت مان پنهنجي نانا جان، رَحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر هئس ۽ ڳالهين ۾ مشغول هئس.

(شامِ ڪربلا ص 247)

جدا ہوتی ہیں جانیں جسم سے جاناں سے ملتے ہیں
ہوئی ہے کربلا میں گرم مجلس وَصل و فرقت کی

حضرتِ سيّدُنا امام عبدُالوهاب شَعراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا: اهلِ ڪَشَفَ صُوفِي انهيءَ جا قائل آهن تہ حضرتِ سيّدُنا امامِ حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو سر مبارڪ هن ئي جڳهہ تي آهي. شيخ ڪريمُ الدّين خلوتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اجازت سان انهيءَ جڳهہ جي زيارت ڪئي آهي. (ايضًا ص 248)

اِسی منظر پہ ہر جانب سے لاکھوں کی نگاہیں ہیں
اِسی عالم کو آنکھیں تک رہی ہیں ساری خلقت کی

## سر مبارڪ جي عجيب برڪت

منقول آهي: مِصَر جي سلطان "مَلڪِ ناصِر" کي هڪ شخص جي باري ۾ اطلاع ڏنو ويو تہ هن شخص کي خبر آهي تہ هن محل ۾ خزانو ڪٿي دفن آهي پر ٻُڌائي نہ ٿو، سلطان ڳالهہ ميرائڻ جي

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

لاءِ ان کي اذيَّت (يعني سخت سزا) ڏيڻ جو حڪم ڏنو. اذيَّت ڏيڻ تي مقرر شخص ان کي پڪڙي ۽ ان جي مٿي تي خَنَافِس يعني گُبريلا (هڪ قسم جا جيت) وڏا پوءِ قِرمِز (يعني ريشم جا جيت) وجهي ڪپڙو ٻَڌي ڇڏيو. اها خوفناڪ اذيَّت ۽ عُقُوبت آهي جو ان کي هڪ منٽ به انسان برداشت نٿو ڪري سگهي. ان جو دماغ ڦاٽڻ لڳندو آهي ۽ اهو هڪدم راز ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن نه ٻُڌائي ته ڪجهه ئي دير ڪان پوءِ تڙپي تڙپي مري ويندو آهي. اها سزا ان شخص کي ڪيترائي ڀيرا ڏني وئي پر ان کي ڪوبه اثر نه ٿيو بلڪ هر ڀيري اهي جيت مري ويندا هئا. ماڻهن ان جو سبب پُڇيو، ته ان شخص ٻُڌايو ته جڏهن حضرت امامِ عالي مقام، سيدُنا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو سر مبارڪ هتي مصر ۾ تشريف فرما ٿيو هو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون ان کي عقيدت سان پنهنجي مٿي تي ڪنيو هو، اها ان جي ئي برڪت ۽ ڪرامت آهي. (شامِ ڪربلا ص 248)

پھول زخموں کے کھلائے ہیں ہوائے دوست نے
خون سے سینچا گیا ہے گُل سِتانِ اہلبیت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تڪليف ڏيندڙ جيت

معلوم ٿيو ته بَرَڪت واري شيءِ کي عقيدت سان مٿي تي رکڻ ٻنهي جهانن ۾ سعادت آهي. هن حڪايت ۾ راز ظاهر ڪرائڻ لاءِ جن جيتن جو ذڪر آهي انهن جي باري ۾ عرض آهي ته خَنَافِس خُنْفَسَا جو جمع آهي جيڪو ناپاڪي ۽ ڇيڻي ۾ پيدا ٿيڻ وارو ڪاري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

رنگ جو ٻن سگن وارو هڪ جيت آهي، اُردو ۾ ان کي **ڪبريلا** چوندا آهن. قِرمز ننڍي چٽي جي برابر ڳاڙهي رنگ جي ريشم جي جيت کي چوندا آهن، جيڪو عام طور تي برسات جي ڏينهن ۾ ڪن جهنگن ۾ پيدا ٿيندو آهي. ان کي سُڪائي ان مان ريشم رنگڻ جو ڳاڙهو رنگ ناهيو ويندو آهي. ان جي دوا به ٺهندي آهي ۽ ان مان تيل به ڪيندا آهن. اردوءَ ۾ ان کي بير بهوٽي (۽ سنڌيءَ ۾ مِينهن وساڙو) چوندا آهن. اڳوڻي زماني ۾ ڏوهارين کان ڏوهه جو اعتراف ڪرائڻ لاءِ انهيءَ طريقي سان تڪليف ڏيندا هئا، جو مٿي تي هيٺان اهي گُبريلا ۽ مٿان قِرمِز وجهي ٻَڌي ڇڏيندا هئا، جيت چَڪُ هڻي مٿي ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا، انهن سوراخن ۾ قِرمِز جا ٽڪرا ۽ انهن جي رطوبت وغيره داخل ٿي ويندي هئي جنهن سان دماغ جون رڳون ڦاٽي پونديون هيون. اها اهڙي ته ناقابلِ برداشت سزا هئي جو ڏوهاري جلدي ڏوهه جو اعتراف ڪري وٺندو هو. ان لڱ ڪانداريندڙ دنياوي تڪليف جي تذڪري ۾ آخرت واري عذاب جي ياد آهي. آهه! انهن جيتن جي تڪليف يقينًا اسان مان ڪو هڪ سيڪنڊ جي لاءِ به برداشت نه ٿو ڪري سگهي ته قبر ۽ جهنّم ۾ نانگ جو ڏنگڻ ۽ وڇوئن جا ڏنگ پلا ڪير سهي سگهي ٿو! خدا نخواسته ڪنهن هڪ ننڍي گناهه تي ئي جيڪڏهن پڪڙ ٿي وئي ۽ فرض ڪريو رُڳو هڪ ئي وِڇون مٿي تي ويهاريو ويو ته اسان جو ڇا ٿيندو!

ڈنک مچھر کا بھی مجھ سے تو سہا جاتا نہیں قبر میں بچھو کے ڈنک کیسے سہوں گا یارب

عفو کر اور سدا کیلئے راضی ہوجا یہ کرم ہوگا تو جنت میں رہوں گا یارب

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

## سر مبارڪ جو چمڪڻ

هڪ رِوايت ۾ هي بہ آهي تہ سر مبارڪ يزيدِ پليد جي خزاني ۾ ئي رهيو، جڏهن بنو اُمَيّہ جي بادشاهہ سُلَيمان بن عبدُالْمَلِڪ جي حڪومت جو دؤر (سن 96هہ کان سن 99 هہ) آيو ۽ کين معلوم ٿيو تہ ان سر مبارڪ جي زيارت جي سعادت حاصل ڪئي، ان وقت سر مبارڪ جون مبارڪ هڏيون اڇي چانديءَ جيان چمڪي رهيون هيون، ان خوشبو لڳائي ۽ ڪفن ڏئي مسلمانن جي قبرستان ۾ دفن ڪرائي ڇڏيو. (تهذيب التهذيب ج 2 ص 326 دارالفڪر بيروت)

چہرے میں آفتابِ نبوت کا نور تھا
آنکھوں میں شانِ صولتِ سرکارِ بُو تراب

## رضاءِ مصطفيٰ ﷺ جوراز

حضرتِ علامہ ابنِ حَجَر هَيتمي مَڪّي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی لکن ٿا تہ سُلَيمان بن عبدُالْمَلِڪ جنابِ رسالتِ مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت کان خواب ۾ مُشَرَّف ٿيا، ڏٺائون تہ شهنشاهِ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن تي لطف ۽ ڪرم فرمائي رهيا آهن، صبح جو انهن حضرت سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان ان خواب جي تعبير پُڇي، پاڻ فرمايائون: شايد تو آلِ رسول سان ڪا ڀلائي ڪئي آهي. عرض ڪيائين: جي ها! مون حضرتِ سيّدُنا امامِ عالي مقام، امامِ حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سر مبارڪ کي يزيد جي خزاني ۾ ڏٺو تہ ان کي پنجن ڪپڙن جو ڪفن ڏئي پنهنجي ساٿين سان ان تي نماز پڙهي ڪري ان کي دفن ڪيو آهي. حضرت سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

فرمايو: توهان جو اهو ئي عمل محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راضپي جو سبب بڻيو آهي. (الصواعقُ المحرقة ص 199)

مصطفیٰ عزت بڑھانے کیلئے تعظیم دیں
ہے بلند اقبال تیرا دُودمانِ اہلبیت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مختلف مَشهدن جي وضاحت

خطيبِ پاڪستان، واعظِ شيرين بيان حضرتِ مولانا الحاج الحافظ محمد شفيع اوڪاڙوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی پنهنجي تاليف "**شامِ ڪربلا**" ۾ تحرير فرمائن ٿا: سر مبارڪ جي باري ۾ مختلف روايتون آهن ۽ مختلف جڳهن تي مَشهد نهيل آهن تہ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن روايتن جو تعلُّق ڪجهہ سرن سان هجي جو تہ يزيد وٽ تمام شهداءِ اهلبيت عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا مٿا مبارڪ موڪليا ويا هئا، تہ ڪو سر ڪٿي ۽ ڪو سر ڪٿي دفن ٿيو ۽ نسبت حُسن عقيدت جي سبب يا ڪنهن ٻئي سبب ڪان صرف امامِ حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي طرف ڪئي وئي هجي. وَاللهُ اَعْلَمُ بِحَقِيْقَةِ الْحَال (شامِ ڪربلا ص 249)

## بخشش ڪان مايوسي جي ڏڪائيندڙ حڪايت

حضرت سيّدُنا ابو محمد سُلَيمان الْاَعْمَش ڪُوفي تابِعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا مان حج لاءِ بيت الله حاضر ٿيس، طواف جي دؤران هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو ڪعبي جي غلاف سان چنبڙي اهو چئي رهيو هو: "يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي بخشي ڇڏ ۽ مان گمان ڪريان ٿو

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ته تون مون کي نه بخشيندين.“ مان ان جي انهيءَ عجيب دعا تي ڏاڍو حيران ٿيس ته سُبْحٰنَ اللّٰهِ العَظِيْم آخر ان جو اهڙو ڪهڙو گناهه آهي جنهن جي بخشش جي هن کي اُمّيد ناهي، پر مان طواف ۾ مصروف رهيس، ٻئي ڦيري ۾ به ٻُڌو ته هو اهو ئي چئي رهيو هو، منهنجي حيرانيءَ ويتر وڌي. مون طواف کان فارغ ٿي ڪري ان کي چيو: تون اهڙي عظيم جڳهه تي آهين جتي وڏي کان وڏو گناهه به بخشيو ويندو آهي ته جيڪڏهن تون الله عَزَّوَجَلَّ کان بخشش ۽ رحمت گهرين ٿو ته ان کان اميد به رک ڇو ته هو وڏو رحيم ۽ ڪريم (جَلَّ جَلالُه) آهي، ان شخص چيو: اي الله جا ٻانها تون ڪير آهين؟ مون چيو: مان ابنِ سُلَيمان اَلْاَعَمش آهيان! ان منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ مون کي هڪ طرف وٺي ويو ۽ چوڻ لڳو: منهنجو گناهه تمام وڏو آهي، مون چيو: ڇا تنهنجو گناهه جبلن، آسمانن، زمينن ۽ عرش کان به وڏو آهي؟ چوڻ لڳو: ها منهنجو گناهه تمام وڏو آهي. افسوس! اي سُلَيمان! مان انهن ستر بدنصيب ماڻهن مان آهيان جن حضرتِ سيّدُنا امامِ عالي مقام امامِ حُسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سر مبارڪ کي يزيدِ پليد وٽ آندو هو، يزيدِ پليد ان سر مبارڪ کي شهر کان ٻاهر لڙڪائڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ وري ان جي حڪم سان لاٿو ويو ۽ سون جي ٿالهه ۾ رکي ان کي سمهڻ واري ڪمري (Bed Room) ۾ رکيو ويو. اڌي رات جو يزيدِ پليد جي زال جي اک کُلي ته ان ڏٺو ته امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سر مبارڪ کان وٺي آسمان تائين هڪ نوراني شعاع چمڪي رهيو آهي! اهو ڏسي هوءَ سخت خوفزده ٿي ۽ ان يزيدِ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

پليد کي جاڳايو ۽ چيائين: اتي ڏس مان هڪ عجيب ۽ غريب منظر ڏسي رهي آهيان. يزيد به ان روشنيءَ کي ڏٺو ۽ خاموش رهڻ جي لاءِ چيو، جڏهن صبح ٿيو ته ان سر مبارڪ ڪيڏرائي هڪ عمده قسم جي سبز ڪپڙي جي خيمي ۾ رکرائي ڇڏيو ۽ ان جي نگراني جي لاءِ ستر ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا، مان به انهن ۾ شامل هئس، پوءِ اسان کي حڪم ٿيو ته وڃو کاڌو کائي اچو. جڏهن سج لهي ويو ۽ ڪافي رات گذري وئي ته اسان سمهي پياسين، اوچتو منهنجي اک کُلي وئي، ڇا ٿو ڏسان ته آسمان تي هڪ وڏو ڪڪر ڇانيل آهي ۽ ان مان گجگوڙ ۽ پَرن جي ڦڙڦڙاهٽ جو آواز اچي رهيو آهي پوءِ اهو ڪڪر ويجهو ٿيندو ويو ايتري تائين جو زمين سان ملي ويو ۽ ان مان هڪ مرد ظاهر ٿيو، جنهن تي جنّت جا ٻه حُلّا (يعني جنّتي پوشاڪ) هئا ۽ ان جي هٿ ۾ هڪ گلم ۽ ڪُرسيون هيون، ان اهو گلم وڇائي ۽ ان تي ڪُرسيون رکي ڇڏيون ۽ پُڪارڻ لڳو: اي ابو البشر! اي آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف ڪٽي اچو. هڪ نهايت حسين ۽ جميل بزرگ تشريف ڪٽي آيا ۽ سر مبارڪ وٽ ويهي ڪري فرمايائون: ”سلام هجي توتي اي الله جا ولي! سلام هجي توتي اي بقية الصالحين! زنده رهين تون سعيد ٿي، قتل ٿئين تون طريد يعني خلف (پويان ايندڙ) ٿي ڪري، اُجارو رهين ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ توکي اسان سان ملائي ڇڏيو. الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي ۽ تنهنجي قاتل جي لاءِ بخشش ناهي تنهنجي قاتل جي لاءِ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن دوزخ جو تمام بُرو نڪاڻو آهي.“

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

اهو فرمائي اتان هٽيا ۽ انهن ڪُرسين مان هڪ ڪُرسي تي تشريف فرما ٿي ويا، پوءِ ٿوري دير ڪان پوءِ هڪ ٻيو ڪڪر آيو اهو به اهڙي طرح زمين سان ملي ويو ۽ مون ٻُڌو ته هڪ مُنادي ندا ڪئي: "اي نبي **الله**! اي نوح عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام! تشريف ڪٺي اچو. اوچتو هڪ حسين ۽ جميل نوراني چهري وارا بزرگ به جنّتي لباس پهريل تشريف ڪٺي آيا ۽ انهن به اهي ئي لفظ ارشاد فرمايا ۽ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيا، پوءِ هڪ ٻيو ڪڪر آهيو ۽ ان مان حضرتِ سيدُنا ابراهيم خليل **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ظاهر ٿيا، انهن به اهي ئي لفظ ارشاد فرمايا پوءِ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيا، اهڙي طرح حضرتِ سيدُنا موسيٰ ڪليمُ **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرت عيسيٰ روح **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تشريف ڪٺي آيا، انهن به اهي ئي لفظ ارشاد فرمائي ڪُرسين تي جلوه افروز ٿي ويا پوءِ هڪ وڏو ڪڪر آيو ان مان حضرت سيدُنا و مولانا محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرتِ سيّدَتُنا بيبي فاطمه ۽ حضرتِ سيدُنا حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ۽ ملائڪ ظاهر ٿيا. پهريان مديني جا سلطان، رَحمتِ عالَميان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سر مبارڪ وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ سر مبارڪ کي سيني سان لڳايائون ۽ تمام گهڻو رُنا پوءِ حضرت سيّدَتُنا بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي ڏنائون، انهن به سيني سان لڳايو ۽ تمام گهڻو رُنيون. پوءِ حضرتِ سيّدُنا آدم صَفِيُّ **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام نبي رَحمت، شفيع امّت، شَهَنشاهِ نُبُوّت، تاجدارِ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ اچي هيئن تعزيّت ڪئي:

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

اَلسَّلَامُ عَلَى الْوَلَدِ الطَّيِّبِ، اَلسَّلَامُ عَلَى الْخَلْقِ الطَّيِّبِ،
اَعْظَمَ اللّٰهُ اَجْرَكَ وَاَحْسَنَ عَذَاءَكَ فِيْ اِبْنِكَ الْحُسَيْنِ

**سلام هجي پاڪيزه فطرت ۽ خصلت واري پاڪ فرزند تي، الله** عَزَّوَجَلَّ **توهان کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائي ۽ توهان جي شهزادي حُسين** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **(جي هن امتحان) ۾ احسن يعني بهترين صبر ڏئي.**

**اهڙي طرح حضرتِ سيّدُنا نوح نجيّ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **حضرتِ سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **بہ تعزيّت فرمائي. پوءِ سرڪارِ والا تبار، شهنشاهِ اَبرار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ڪجهہ ڪلمات ارشاد فرمايا پوءِ هڪ ملائڪ سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي ويجهو اچي عرض ڪيو: اي ابو القاسم!** (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **(هن پيانڪ واقعي سان) اسان جون دليون ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون آهن، مان آسمانِ دنيا تي مُوَڪَّل** (يعني مقرر) **آهيان، الله تعاليٰ مون کي توهان جي اطاعت جو حڪم ڏنو آهي، جيڪڏهن توهان مون کي حڪم فرمايو تہ مان انهن ماڻهن تي آسمان ڪيرايان ۽ انهن کي تباهہ ۽ برباد ڪريان پوءِ هڪ ٻئي ملائڪ اچي عرض ڪيو: اي ابوالقاسِم** (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)**! مان دريائن تي مُوَڪَّل آهيان، الله تعاليٰ مون کي توهان جي اطاعت جو حڪم ڏنو آهي جيڪڏهن توهان فرمايو تہ مان انهن تي طوفان برپا ڪري انهن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيان. سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمايو: اي فرشتو! ائين نہ ڪريو. حضرتِ سيدُنا امام حسن مجتبيٰ**

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ (سُتل چوڪيدارن ڏانهن اشارو ڪندي بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾) عرض ڪيو: نانا جان! هي جيڪي سُتل آهن ۽ اهي ئي اهي ماڻهو آهن جيڪي منهنجي پياءُ (حسين) رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سر مبارڪ کي ڪٽي آيا آهن ۽ اهي نگراني تي به مقرر آهن ته نبيّ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "اي منهنجي ربّ (عَزَّوَجَلَّ) جا فرشتو منهنجي پٽ جي قتل جي بدلي ۾ انهن کي قتل ڪري ڇڏيو" ته خدا جو قسم! مون ڏٺو ته ڪجهه ئي گهڙين ۾ منهنجا سڀ ساٿي ذبح ڪيا ويا، پوءِ هڪ فرشتو مون کي ذبح ڪرڻ لاءِ وڌيو ته مون پڪاريو: اي ابو القاسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي بچايو مون تي رحم فرمايو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رَحَم فرمائي ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرشتي کي فرمايو: هن کي ڇڏي ڏيو پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي پرسان اچي فرمايو: تون انهن ستر ماڻهن مان آهين جيڪي سر ڪٽي آيا هئا؟ مون عرض ڪيو: جي ها! پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي ڪلهي ۾ وجهي مون کي منهن ڀر ڪيرائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: "**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توتي رحم نه ڪري ۽ نه توکي بخشي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تنهنجي هڏين کي جهنم جي باهه ۾ ساڙي." ته اهو سبب آهي جو مان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان نا اُمّيد آهيان. حضرتِ سيّدُنا اَعمش رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اهو ٻُڌي فرمايو: "او بدبخت! مون کان پري ٿي ڪٿي تنهنجي ڪري مون تي به عذاب نه نازل ٿي وڃي." (شامِ ڪربلا ص267 کان 270)

باغِ جنت چھوڑ کر آئے ہیں محبوبِ خدا
اے زہے قسمت تمہاری کُشتگانِ اہلبیت

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

# حب جاهہ ۽ مال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حبِّ جاهہ ۽ مال (يعني شهرت ۽ دولت جي محبت) تمام گهڻو وَبال آهي، منهنجي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ معظم آهي: ”ٻہ بُکيا بگهڙ ٻڪرين ۾ ڇڏيا وڃن (تہ) اهي ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيترو دولت ۽ مرتبي جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پهچائيندي آهي.“
(سنن ترمذي ج 4 ص 166 حديث 2383)

يزيد پليد مال، ملڪيت ۽ شهرت جي مَحَبَّت جي ئي ڪري ڪربلا جي ڀيانڪ واقعي ٿيڻ جو سبب بڻيو. ان ظالم بدانجام کي امامِ عالي مقام سيِّدُنا امامِ حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ و ارضاه جي ذاتِ گرامي کان پنهنجي اقتدار کي خطرو محسوس ٿيندو هو. حالانڪ سيِّدُنا امامِ عالي مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ناپائيدار دنيا جي اقتدار سان ڪهڙو تعلق! پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تہ ڪالهہ بہ امتِ مسلمہ جي دلين جا تاجدار هئا، اڄ بہ آهن ۽ قيامت تائين رهندا.

نہ ہی شمر کا وہ ستم رہا، نہ یزید کی وہ جفا رہی
جو رہا تو نام حسین کا، جسے زندہ رکھتی ہے کربلا

# يزيد جو عبرتناڪ موت

حضرتِ سيِّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کان مرسلاً مروي آهي: حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ يعني دنيا جي محبت هر بُرائيءَ جي پاڙ آهي. (الجامع الصغير للسيوطي ص 223 حديث 3662 دارالکتب العلمية بيروت)

يزيدِ پليد جي دل جيئن تہ ناپائيدار دنيا جي مَحَبَّت سان ڀريل

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

هئي، ان لاءِ هو شهرت ۽ اقتدار جي هَوَس ۾ گرفتار ٿي ويو. پنهنجي انجام کان غافل ٿي ان امامِ عالي مقام ۽ سندس ساٿين عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي بي گناهه قتل سان پنهنجي هٿن کي رنگيو، جنهن اقتدار جي خاطر ان ڪربلا ۾ ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪيرايا اهو اقتدار ان جي لاءِ ڪجهه وڏيڪ ئي ناپائيدار ثابت ٿيو. بدنصيب يزيد صرف ٽي سال ڇهه مهينا حڪومت جي تخت تي شيطنت (يعني شرارت ۽ خباثت) ڪري ربيع النور شريف سن 64 هه جو شام ملڪ جي شهر "حَمَص" جي علائقي حُوّارين ۾ 39 سالن جي عمر ۾ مري ويو. (الكامل في التاريخ ج 3 ص 464 دارالكتب العلمية بيروت)

يزيدِ پليد جي موت جو هڪ سبب اهو به ٻُڌايو وڃي ٿو ته هو هڪ رومي نسل جي ڇوڪريءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويو هو پر اها ڇوڪريءَ اندروني طور تي ان کان نفرت ڪندي هئي، هڪ ڏينهن عياشي ڪرڻ جي بهاني ان يزيد کي پري ويراني ۾ اڪيلو گهرايو. اتان جي ٿڌين هوائن يزيد کي بدمست ڪري ڇڏيو، اها نوجوان ڇوڪريءَ يزيد کي هي چوندي ته جيڪو بي غيرت ۽ ڪميڻو پنهنجي نبيءَ جي ڏوهٽي جو غدار هجي اهو منهنجو ڪٿي وفادار ٿي سگهي ٿو، تيز چمڪدار خنجر جا لڳاتار وار ڪري چيري ڦاڙي ان کي اتي ئي اڇلي ڇڏيائين. ڪجهه ڏينهن تائين ان جو لاش ڪانوَن ۽ سِرڻن جي دعوت ۾ رهيو، آخرڪار ڳوليندي ڳوليندي ان جا نوڪر چاڪر اتي پهتا ۽ کڏ کوٽي ان جي ڏپ ڪري ويل لاش کي اتي ئي لٽي آيا. (اوراقِ غم ص 550)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

وہ تخت ہے کس قبر میں وہ تاج کہاں ہے؟
اے خاک بتا زورِ یزید آج کہاں ہے؟

## ابنِ زياد جو عبرت ناڪ انجام

يزيدِ پليد جي بدمعاشن جو اهو ٽولو جنهن ميدانِ ڪربلا ۾ گلشنِ رسالت جي مدني گلن کي رت ۽ مٽيءَ ۾ تڙپايو هو، انهن جو به عبرتناڪ انجام ٿيو، يزيدِ پليد ڪان پوءِ سڀ ڪان وڌو ڏوهاري ڪوفي جو گورنر عبيدالله ابنِ زياد هو، انهيءَ ڪميٽي جي حڪم تي امامِ عالي مقام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ سندن اهلبيتِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻايو ويو هو. دنيا جي ڏوکي جو تماشو ڏسو ته مختار ثقفي جي ترڪيب سان ابراهيم بن مالِڪ اشتر جي فوج جي هٿان فُرات درياءَ جي ڪناري صرف 6 سالن ڪان پوءِ يعني 10 محرم الحرام سن 67 ھ ۾ ابنِ زياد ڪميٽي کي انتهائي ذلت سان ماريو ويو! سپاهين ان جي سِسي لاهي ابراهيم کي پيش ڪئي ۽ ابراهيم مُختار وٽ ڪوفي موڪلي ڏني. (سوانح ڪربلا ص 123 ملخصًا)

جب سرِ محشر وہ پوچھیں گے بُلا کے سامنے
کیا جوابِ جرم دوگے تم خدا کے سامنے

## ابنِ زياد جي نڪ ۾ نانگ

دارالامارات ڪوفي کي سينگاريو ويو ۽ انهيءَ جڳهه تي ڪميٽي ابنِ زياد جي ناپاڪ مُنڍي رکي وئي جتي 6 سال اڳ امامِ عالي مقام جو سر مبارڪ رکيو ويو هو، ان بدنصيب تي روئڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

وارو ڪو به نه هو، بلڪ ان جي موت تي جشن ملهايو پئي ويو.
(سوانح ڪربلا ص 123) **صحيح حديث ۾ عِماره بن عُمَير** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ **کان** روايت آهي ته جڏهن عبيدالله ابنِ زياد جي مُنڊي سندس ساٿين جي مُنڊين سميت آڻي رکي وئي ته مان انهن وٽ ويس، اوچتو گوڙ ٿيو: " آيو، آيو" مون ڏٺو ته هڪ نانگ اچي رهيو آهي، سيني مُنڊين جي وچ مان ٿيندو ابنِ زياد جي (ناپاڪ) ناسن ۾ داخل ٿي ويو ۽ ٿوري دير ترسي هليو ويو ايتري تائين جو غائب ٿي ويو، وري گوڙ ٿيو: "آيو، آيو"به يا ٽي ڀيرا ائين ئي ٿيو.
(سنن ترمذي ج 5 ص431 حديث 3805 دارالفڪر بيروت)

ابنِ زياد، ابنِ سَعد، شِمر، قَيس بن اَشۡعَت ڪندي، خَولي ابنِ يزيد، سنان ابنِ انَس نَخعي، عبدالله ابنِ قَيس، يزيد بن مالِڪ ۽ باقي اهي سڀ بد بخت جيڪي حضرت سيّدُنا امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قتل ۾ شريڪ هئا ۽ ڪوشش ڪرڻ وارا هئا. (اهي) طرح طرح جي اَذِيّتن سان قتل ڪيا ويا ۽ انهن جا لاش گهوڙن جي سُنبن سان چِٿرايا ويا. (سوانح ڪربلا ص 158)

کب تلک تم حکومت پہ اِتراؤ گے — کب تک آخر غریبوں کو تڑپاؤ گے
ظالمو! بعد مرنے کے پچتاؤ گے — تم جھنم کے حق دار ہو جاؤ گے

## سچ آهي ته بري ڪم جو انجام برو آهي

مختار ثقفيءَ چونڊي چونڊي يزيدين کي ماريو، ظالمن کي کهڙي خبر ته شهيدن جو رت رنگ لائيندو ۽ سلطنت جا پُرزا اڏي ويندا. هر اهو شخص جيڪو امامِ پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قتل ۾ شريڪ

www.dawateislami.net

ٿيو آهي مختلف عذابن سان ماريو ويندو، اهو ئي فرات جو ڪنارو هوندو، اهو ئي عاشوري جو ڏينهن، اها ئي ظالمن جي قوم هوندي ۽ مختار جا گهوڙا انهن کي لتاڙيندا هوندا. انهن جي جماعتن جي گهٽائي انهن کي ڪم نہ ايندي، انهن جا هٿ پير ڪٽيا ويندا، گهر ڦُريا ويندا، ڦاهيون ڏنيون ويندو، لاش بدبوءِ ڪري ويندا ۽ دنيا ۾ هر شخص انهن کي ٺُڪون هڻندو، انهن جي مرڻ تي خوشي ملهائي ويندي. جنگ جي ميدان ۾ جيتوڻيڪ انهن جو تعداد هزارن جو هوندو پر اهي همت هاري ڪدڙن جيان ڀڄي ويندا، ڪوئن ۽ ڪُتن جيان انهن کي جان بچائڻ مشڪل ٿي پوندي، جتي ڏٺا ويندا ماريا ويندا. دنيا ۾ ۽ قيامت ۾ بہ انهن تي نفرت ۽ ملامت ڪئي ويندي.

(سوانح ڪربلا ص 125)

ديکھتے ہیں یہ دن اپنے ہی ہاتھوں کی بدولت
سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

# مختار نبوت جي دعويٰ ڪري ڇڏي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي باري ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کي ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ ڇا آهي. مُختار ثقفي جنهن امامِ حسين جي قاتلن کي چونڊي چونڊي ماريو ۽ امام حُسين سان محبت ڪندڙن جون دليون خوش ڪيون پر ان تي ازلي بدبختي غالب اچي وئي ۽ ان نبوت جي دعويٰ ڪري ڇڏي ۽ چوڻ لڳو تہ مون وٽ وحي ايندي آهي. (الصواعقُ المحرقه ص 198)

**وسوسو:** ايڏو زبردست محبِ اهلبيت ڪيئن گمراهہ ٿي مُرتَد ٿي

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ ھي توھان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

سگهي ٿو؟ ڇا ڪنهن ڪوڙي نبيءَ کي بہ اهڙا شاندار ڪارناما ڪرڻ جي توفيق حاصل ٿي سگهي ٿي؟

**وسوسي جو علاج:** الله عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي. ان جي خفيہ تدبير ڪان اسان سيني کي ڏجڻ گهرجي جو نہ ڄاڻ اسان جو ڇا ٿيندو! " ڏسو! شيطان تمام وڏو عالم، فاضل، عابد ۽ زاهد هو. ان هزارين سال عبادت ڪئي هئي پر ازلي بدبختي غالب آئي ۽ اهو ڪافر ۽ ملعون ٿي ويو. بَلْعَم بن باعُورا بہ تمام وڏو عالم، عابد، زاهد ۽ مُسْتَجَابُ الدَّعوات هو. ان کي اسم اعظم جو علم هو، پنهنجي جڳھ تي ويهي روحانيّت جي سبب عرشِ عظيم کي ڏسي وٺندو هو پر ازلي بدبختي جڏهن غالب اچي ويس تہ بي ايمان ٿي مري ويو ۽ ڪُتي جي شڪل ۾ جهنّم ۾ داخل ٿيندو. ابن سقا جيڪو ذهين ترين عالم ۽ مُناظر هو پر وقت جي غوث جي بي ادبي ڪيائين، آخرڪار عيسائي شهزاديءَ جي عشق ۾ مبتلا ٿي عيسائي مذهب قبول ڪرڻ ڪان پوءِ ذلت جي موت مئو.

الله تعاليٰ پنهنجي حبيب حضرتِ محمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وحي فرمائي تہ مون يحييٰ بن زڪريا (عَلَيْهِمَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي قتل جي بدلي ۾ ستر هزار ماڻهو ماريا هئا ۽ تنهنجي ڏوهٽي جي بدلي ۾ ان ڪان ٻيڻا ماريندس. (المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 485 حديث 4208)

تاريخ شاهد آهي تہ حضرت يحييٰ بن زڪريا عَلَيْهِمَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ناحق خون جي بدلي وٺڻ لاءِ الله تعاليٰ بَخْتِ نَصر جهڙي ظالم کي مقرر ڪيو جيڪو خدائي دعويٰ ڪندو هو. اهڙيءَ طرح حضرتِ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

امامِ عالي مقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ناحق قتل جو بدلو وٺڻ جي لاءِ الله تعالىٰ مختار ثقفي جهڙي ڪذاب (يعني سڀ کان وڏي ڪوڙي) کي مقرر ڪيو. (شامِ ڪربلا ص 285)

الله تعاليٰ پنهنجون مصلحتون پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. هو پنهنجي مشيَّت سان ظالمن جي ذريعي بہ ظالمن کي تباھ ڪندو آهي. جيئن تہ انين سيپاري سورة الانعام جي آيت نمبر 129 ۾ ارشاد آهي:

وَ كَذٰلِكَ نُوَلِّیْ بَعْضَ الظّٰلِمِیْنَ بَعْضًۢا بِمَا كَانُوْا یَكْسِبُوْنَ ﴿۱۲۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهڙي طرح اسان ظالمن مان هڪڙن کي ٻين تي مُسَلَّط ڪندا آهيون. سندن ڪرتوتن جي بدلي.

حضور پُر نور، شافعِ يومُ النُّشُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: ”بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) هن دينِ اسلام جي مدد فاجِر يعني بدڪار ماڻهوءَ جي ذريعي سان بہ ڪرائيندو آهي.“

(صحيح بخاري ج 2 ص 328 حديث 3062 دارالڪتب العلمية بيروت)

## الله جي خفيہ تدبير کان ڊڄڻ گھرجي

اسان کي هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندو رهڻ گھرجي پنهنجي علميّت، شان و شوڪت ۽ جسماني طاقت تي غُرور کان بچڻ ۽ چاپلوسي ۽ تڪبُّر کان پرهيز ڪرڻ ضروري آهي جو خبر ناهي تہ علمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ اسان جو ڪهڙو مقام هجي؟ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ايمان برباد ٿي وڃي. ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند ٿيڻ جو ذهن ٺاهڻ، عشقِ مصطفيٰ ۽ حبِ صحابہ و اهلبيت عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حاصل ڪرڻ، ديني معلومات وڌائڻ، پنهنجو پاڻ کي بُراين

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

ڪان بچائڻ، نيڪيون اپنائڻ ۽ خوب ثواب ڪمائڻ جي خاطر سيني اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر فرمائن. اسلامي ڀائر روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي 72 مدني انعامات ۽ اسلامي ڀينرون 63 مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري پنهنجي تنظيمي ذميدار کي جمع ڪرائين.

**يا الله** عَزَّوَجَلَّ **شاهِ خيرالانام** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، **صحابہءِ ڪرام،** شهيدِ مظلوم امامِ عالي مقام ۽ سيني ڪربلا جي شهيدن ۽ قيدين عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو واسطو، اسان جو ايمان سلامت رک. اسان کي قبر ۽ حشر ۾ ايمان بخش ۽ اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ، **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! اسان کي زيرِ گنبد خَضرا، جلوهءِ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ايمان ۽ عافيّت سان شهادت، جنّت البَقِيع ۾ مدفن ۽ جنّتُ الفِردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ .

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مشکلیں حل کر شہِ مشکل کشا کے واسطے
کر بلائیں رد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مرد جي لاءِ سڀ کان وڏو وظيفو**

تڪبيرِ اوليٰ سان پنج وقت مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت نماز پڙهڻ آهي.

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

# ۞عاشورا جا فضائل۞

## ”يا شهيد ڪربلا ٽئي دور هر رنج، بلا“ جي پنجويهه اکرن جي نسبت سان عاشوري جون 25 خصوصيتون

﴿1﴾ 10 مُحرَّمُ الْحرام عاشوري جي ڏينهن حضرت سيّدُنا آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي توبهه قبول ڪئي وئي ﴿2﴾ انهيءَ ڏينهن کين پيدا ڪيو ويو ﴿3﴾ انهيءَ ڏينهن کين جنّت ۾ داخل ڪيو ويو ﴿4﴾ انهيءَ ڏينهن عرش ﴿5﴾ ڪرسي ﴿6﴾ آسمان ﴿7﴾ زمين ﴿8﴾ سج ﴿9﴾ چنڊ ﴿10﴾ ستارا ۽ ﴿11﴾ جنّت پيدا ڪيا ويا ﴿12﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا ﴿13﴾ انهيءَ ڏينهن کين باهه کان ڇوٽڪارو مليو ﴿14﴾ انهيءَ ڏينهن سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ سندن امت کي ڇوٽڪارو مليو ۽ فرعون پنهنجي قوم سميت غرق ٿيو ﴿15﴾ انهي ڏينهن حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پيدا ڪيا ويا ﴿16﴾ انهيءَ ڏينهن آسمان ڏانهن کين کنيو ويو ﴿17﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا نوح عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي ٻيڙي جُودي جبل تي بيٺي ﴿18﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا سُلَيمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي هڪ مُلڪِ عظيم عطا ڪيو ويو ﴿19﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا يونس عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام مڇيءَ جي پيٽ مان ڪديا ويا ﴿20﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا يعقوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي نظر جي ڪمزوري دور ٿي ﴿21﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اونهي کوهہ مان ڪڍيا ويا ﴿22﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا ايوب عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي تڪليف دور ڪئي وئي ﴿23﴾ آسمان کان زمين تي سڀ کان پهرين برسات انهيءَ ڏينهن تي ٿي ﴿24﴾ انهيءَ ڏينهن جو روزو امتن ۾ مشهور هو ايتري تائين جو هي چيو ويو تہ ان ڏينهن جو روزو رمضان المبارڪ جي مهيني کان اڳ فرض هو پوءِ منسوخ ڪيو ويو. (مڪاشفة القلوب ص 311) ﴿25﴾ امامُ الهُمام، امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام، امامِ تِشنہ ڪام، حضرت سيّدُنا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي شهزادن ۽ ساٿين سميت ٽي ڏينهن بُکيو رکڻ کان پوءِ انهيءَ عاشوري جي ڏينهن ڪربلا جي ميدان ۾ انتهائي بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو.

## ”ڪربلا“ جي پنج اکرن جي نسبت سان محرم الحرام ۽ عاشوري جي روزن جا 5 فضائل

مدينہ 1 حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ اڪرم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”رمضان کانپوءِ مُحرَّم جو روزو افضل آهي ۽ فرض کان پوءِ افضل نماز صلوٰةُ اللَّيل (يعني رات جو نفل پڙهڻ) آهي.

(صحيح مسلم ص 891 حديث 1163)

مدينہ 2 طبيبن جي طبيب، الله جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: مُحرَّم جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي.

(طبراني في الصغير ج 2 ص 87 حديث 1580)

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

# عاشوري جو روزو

3 حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: مون سلطانِ جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رَحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪنهن ڏينهن جي روزي کي ٻئي ڏينهن تي فضيلت ڏئي جستجو فرمائيندي نہ ڏٺو پر هي تہ عاشوري جو ڏينهن ۽ هي تہ رمضان جو مهينو. (صحيح بخاري ج 1 ص 657، حديث 2006)

# يهودين جي مخالفت ڪريو

4 نبيِّ رَحمت، شفيعِ اُمّت، شهنشاهِ نُبُوّت، تاجدارِ رِسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: عاشوري جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان اڳ ۾ يا پوءِ ٻه هڪ ڏينهن جو روزو رکو. (مسند امام احمد ج 1 ص 518 حديث 2154)

عاشوري جو روزو جڏهن ٻہ رکو تہ گڏوگڏ نائين يا يارهين مُحَرَّمُ الحرام جو روزو ٻہ رکڻ بهتر آهي.

5 حضرت سيّدُنا ابوقَتاده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ مون کي الله تي گمان آهي تہ عاشوري جو روزو هڪ سال اڳ جا گناهہ مِٽائي ڇڏيندو آهي.
(صحيح مسلم ص 590 حديث 1162)

# سڄو سال اکيون نہ ڏکن، نہ بيمار ٿيو

مفسرِ شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الۡحَنَّان فرمائن ٿا تہ محرم جي نائين ۽ ڏهين جو روزو رکي تہ گهڻو

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ثواب ملندو، ٻارن ٻچن جي لاءِ ڏهين مُحرَّم جو خوب سنا سنا کاڌا پچائي تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ سڄي سال تائين گهر ۾ بَرَڪت رهندي. بهتر آهي تہ کِچڙو پچائي حضرت شهيدِ ڪربلا سيِّدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فاتحہ ڪري، تمام مُجَرَّب (يعني مُؤَثّر ۽ آزمايل) آهي. انهيءَ تاريخ يعني 10 مُحرَّمُ الْحرام جو غسل ڪري تہ سڄو سال اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو تہ ان ڏينهن آبِ زم زم سڀني پاڻين ۾ پهچندو آهي. (تفسير روح البيان ج 4 ص 142، ڪوئٽه، اسلامي زندگي ص 93) سرورِڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص عاشوري جي ڏينهن اِثْمَد سُرمو اکين ۾ لڳائي تہ ان جون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون. (شعب الايمان ج 3 ص 367 حديث 3797)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار جي هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو.

## ٽي فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## والدين جي طرفان خيرات

”جڏهن توهان مان ڪو ڪجهه نفلي خيرات ڪري ته ان کي گهرجي ته پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان ڪري ته انهن جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان جي (يعني خيرات ڪرڻ واري جي) ثواب ۾ ڪا به گهٽتائي نه ايندي .“ (شعب الايمان ج 6 ص205 حديث 7911)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزي ۾ بي برڪتي جو سبب

ٻانهو جڏهن ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ته ان جو رزق قطع (يعني گهٽ) ٿي ويندو آهي . (كنزالعمال ج 16 ص 201 حديث 45548)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت

جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انهن وٽ ياسين شريف پڙهي ته بخشيو ويندو. (ابن عدي في الكامل ج 6 ص260)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رحمٰن ہے تِرا یارب !

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

